# امام جعفر صادق جون پٽ کي نصيحتون

05-March-2020

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

27فيبروري 2020 تي پاڪستان جي هفته وار اجتماعن ۾ ٿيندڙ بيان

# امام جعفر صادق جون پٽ کي نصيحتون

**هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ**

- **اصحابِ صفه ۽ انهن جو شوقِ علمِ دين؟**
- **حضور** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **اصحابِ صفه سان ڇو محبت ڪندا هئا ؟**
- **رسول الله** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جو ديني طالبن جي لاءِ خرچ ڪرڻ**
- **صحابہ ڪرام جو ديني طالبن جي لاءِ خرچ ڪرڻ**
- **حضرت امام اعظم ڪنهن جي ڪفالت ۾ ڪٿيءَ علمِ دين به سيکاريو؟**
- **ديني ڪمن ۾ خرچ ڪرڻ جا فائده ۽ ان جي اهميت**

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

# ديني شاگردن تي خرچ ڪرڻ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا رَسُوۡلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا حَبِيۡبَ الله
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا نُوۡرَ الله

نَوَيۡتُ سُنَّتَ الۡاِعۡتِكَافِ (مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** جڏهن به مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري وٺو، جوته جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي به شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي ته اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت به صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نه هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي. ”فتاويٰ شامي“ ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي ته اعتڪاف جي نيت ڪري ۽ ڪجهه دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جو چاهي ڪري **(يعني هاڻي چاهي ته کائي پي يا سمهي سگهي ٿو.)**

## درود پاڪ جي فضيلت

حضرتِ سَيدُنا اُبي بِن ڪعب رَضِیَ اللہُ عَنۡهُ عرض ڪيو: يارسُولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ! مان ته اوهان تي تمام گهڻو دُرود شريف پڙهندو آهيان، اوهان ٻڌايو ته ڏينهن جو ڪيترو حصو دُرُود پڙهڻ جي لاءِ مُقرَّر ڪيان؟ ته نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: توهان جيتري قَدر چاهيو مُقرَّر ڪري وٺو. حضرت اُبي بِن ڪعب رَضِیَ اللہُ عَنۡهُ عرض ڪيو: ڏينهن رات جو چوٿائي حصو دُرُود پڙهڻ جي لاءِ مُقرَّر ڪريان؟ ته سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: مَا شِئۡتَ فَاِنۡ زِدۡتَ فَهوَ خَيۡرٌ لَكَ

يعني توهان جيتري قدر چاهيو مقرر ڪري ونو، ها جيڪڏهن توهان چوٿائي کان وڌيڪ حصّو مُقرَّر ڪندؤ ته توهان جي لاءِ بهتر ٿي ٿيندو. حضرت اُبي بِن ڪعب رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ عرض ڪيو ته مان ڏينهن رات جو نِصف حصو دُرُود پڙهڻ جي لاءِ مُقرَّر ڪيان؟ ته حُضُور صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: ''مَا شِئْتَ فَاِنْ زِدْتَ فَهوَ خَيرٌ لَك توهان جيتري قَدر چاهيو مُقرَّر ڪري ونو ۽ جيڪڏهن توهان ان کان به وڌيڪ وقت مُقرَّر ڪندؤ ته توهان جي لاءِ بهتر ٿي ٿيندو.''ته حضرت اُبي بِن ڪعب رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ عرض ڪيو مان ڏينهن رات جو ٻه ٽهائي مُقرَّر ڪيان؟ ته حُضُورصَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: ''مَا شِئْتَ فَاِنْ زِدْتَ فَهوَ خَيرٌ لَك توهان جيترو چاهيو وقت مُقرَّر ڪريو ۽ جيڪڏهن توهان هن کان وڌيڪ وَقت مُقرَّر ڪندؤ ته توهان جي لاءِ بهتر ٿي ٿيندو.'' ته حضرت اُبي بِن ڪعب رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ عرض ڪيو: ''اَجْعَلُ لَك صَلَاتِي كُلَّها، مان ڏينهن رات جو ڪُل حصِّو دُرُود پڙهڻ ئي ۾ گذاريندس. ته سرڪارِ مدينه صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: ''اِذًا تُكْفَى همُّك وَيغْفَرُ لَك ذَنْبُك جيڪڏهن توهان ائين ڪندؤ ته دُرُود شريف توهان جي تمام فِڪرن ۽ غمن کي پري ڪرڻ جي لاءِ ڪافي ٿي ويندو ۽ توهان جي تمام گناهن جي لاءِ ڪفّارو بڻجي ويندو.'' (ترمذی،کتاب صفة القيامة،باب۲۳، ۲۰۷/۴،حديث:۲۴۶۵)

ذاتِ والا پہ بار بار درود بار بار اور بے شمار دُرُود
سر سے پا تک کرور بار سلام اور سراپا پہ بے شمار دُرُود
بے عدد اور بے عدد تسلیم بے شمار اور بے شمار دُرُود
بیٹھتے اٹھتے جاگتے سوتے ہو اِلٰہی مِرا شعار دُرُود

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نِيتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان

جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي. (المعجم الکبیر،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻہ مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❖ نگاهون جهڪائي پوري توجهہ سان بيان ٻڌندس ❖ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❖ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❖ ڌڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اُٿڪڻ کان بچندس ❖ صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! اُذکُرُوالله , تُوبُوا اِلَی الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❖ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اڄ جي بيان جو موضوع آهي "امام جعفر صادق رَحمَۃُ اللهِ عَلَیه جون پٽ کي نصيحتون" جنهن ۾ اسان امام جعفر صادق رَحمَۃُ اللهِ عَلَیه جي سيرت ۽ ڪردار بابت ٻڌنداسين. سندن جو تعارف بہ ٻڌنداسين ۽ انهن پنهنجي پٽ حضرت سيدنا امام موسيٰ ڪاظم رَحمَۃُ اللهِ عَلَیه کي ڪهڙيون ڪهڙيون نصيحتون ڪيون؟ هن باري ۾ بہ ڪجهہ ٻڌنداسين. پورو بيان وڌي ڌيان سان ٻڌڻ جي نيت ڪريو.

پيارا اسلامي ڀائرو! اچو! سڀ کان پهريان اميرِ اهلسنّت حضرت علاّمہ **محمدالياس عطّار قادِري** دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِیَه جي ڪتاب **نيڪي جي دعوت** مان هڪ ايمان افروز حڪايت ٻڌون ٿا:

## ننڍڙي سيد زادي جو خوفِ خدا

هڪ ڇئن سالن جو سيِّد زادو بازار ۾ زارو قطار روئي رهيو هو، ڪنهن شخص آلِ رسول جي خدمت جي جذبي کان سرشار ٿي ڪري عرض ڪيو: شهزادا! ڇا ڳالهه آهي؟ جيڪڏهن ڪنهن شيءِ جي ضرورت هجي ته حڪم فرمايو هاڻي حاضر ڪري ونندس، اهو ٻڌي ڪري ٻارڙي جي روئڻ جو آواز گهڻو بلند ٿي ويو ۽ چيائين: چاچا سائين! الله پاڪ جي غضب ۽ جهنم جي عذاب جي خوف سان دل ٻڏي رهي آهي! ان صاحب شفقت سان عرض ڪيو: شهزادا! اوهان ته تمام ننڍا آهيو هينئر کان ايترو خوف ڪهڙو؟ يعني اطمينان رکو ٻارن کي عذاب نه ڏنو ويندو، اهو ٻڌي ڪري مدني مني جو خوف ويتر نمايان ٿيو ۽ سڏڪا پريندي چيائين: چاچا سائين! مون ڏٺو آهي ته وڏين ڪاٺين کي ساڙڻ جي لاءِ ان جي چوڌاري ننڍڙيون ڪاٺيون ۽ ڪَک وغيره وڌا ويندا آهن، باهه ننڍين ڪاٺين ۽ ڪَکن کي جلد لڳندي آهي ۽ انهن جي ڪري پوءِ وڏيون ڪاٺيون به سڙڻ لڳنديون آهن! مان ڊڄان ٿو ته ابوجهل ۽ ابولهب جهڙن ڪافرن کي جهنم ۾ ساڙڻ جي لاءِ ننڍين ڪاٺين جي جڳهه تي ڪٿي مون کي نه ساڙيو وڃي!

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اوهان کي خبر آهي اهو چار سالن جو مدني منو ڪير هو؟ اهو ڪو ٻيو نه! اسان جي ٽٽل دلين جو سهارو ۽ اهلِ بيت جي اکين جو تارو حضرت سيِّدُنا امام جعفر صادق رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْه هو. (نيڪي جي دعوت، ص٥٨٥)

تیری نسلِ پاک میں ہے بچّہ بچّہ نور کا
تو ہے عینِ نور تیرا سب گھرانا نور کا

**شَرحِ ڪلامِ رضا:** منهنجا آقا اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هن شعر ۾ فرمائن ٿا: يَا نُورَ اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اوهان ته آهيو ئي نور بلڪ نور علي نور آهيو، اوهان جي مبارڪ نسل ۾ قيامت تائين جيترا به ٻار ٿيندا يعني سادات ڪرام اهي به

سڀ نور آهن، اي نور وارا پيارا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! اوهان جو سڄي جو سڄو گهراڻو نور نور ۽ بس نور آهي. (نيڪي جي دعوت،ص۵۸۶)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

اي عاشقانِ صحابہ و اهل بيت! ٻڌو اوهان تہ امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ننڍپڻ کان ئي خوفِ خدا رکندڙ هئا. غور تہ ڪيو! اڄڪلهہ جو ٻار چار سال جو ٿئي وڃي تہ ان کي پنهنجي خبر تائين ناهي هوندي. ڪجهہ وڏو ٿيندو آهي تہ ان کي موبائل تي گيم کيڏڻ ۽ ڪارٽون ڏسي دل وندرائڻ مان وانڌڪائي ناهي ملندي. پر حضرت امام زين العابدين رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي پوٽي ۽ حضرت امام محمد باقر رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي پٽ جنابِ امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو حال اهو آهي جو اهو ننڍڙي ڄمار ۾ بہ خوفِ خدا سبب بي قرار رهيو آهي. اکين ۾ لڙڪن جي برسات آهي جيڪا رڪجي ناهي رهي. ڳڻتي اها آهي تہ ڪٿي مون کي جهنم ۾ نہ وڌو وڃي. اي ڪاش! جو اسان کي بہ اها ئي سوچ نصيب ٿي وڃي. اي ڪاش جو اسان کي بہ خوفِ خدا ۾ روئڻ واريون اکيون ملي وڃن. اٰمِين بِجَاه النَّبِي الْاَمِين

جَلا دے نہ نارِ جہنّم کرم ہو پئے بادشاہِ اُمَم یاالٰہی
مجھے نارِ دوزخ سے ڈر لگ رہا ہے ہو مجھ ناتُواں پر کرم یاالٰہی
بڑی کوششیں کی گنہ چھوڑنے کی رہے آہ! ناکام ہم یاالٰہی!
مجھے سچّی توبہ کی توفیق دیدے پئے تاجدارِ حرم یاالٰہی!
تُو عطّار کو بے سبب بخش مَولیٰ کرم کر کرم کر کرم یاالٰہی
(وسائلِ بخشش مرمم،ص:۱۱۰،۱۱۱)

## امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو خوفِ خدا

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هڪ ٻي ڳالهہ جيڪا هن حڪايت مان معلوم ٿي اها هي تہ اسان جا بزرگ سڳورا پنهنجي ٻارن جي ڪيتري بهترين ۽ زبردست

اسلامي تربيت ڪندا هئا. ڏسو تہ صحيح جو حضرت امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه 4 سال جي ننڍڙي عمر ۾ **عذابِ جهنم** کان بيقرار آهن ۽ انهيءَ فڪر ۾ اَشڪ بار آهن. 4 سال جي عمر ۾ اهڙي سوچ تڏهن ئي تي سگهي ٿي جڏهن گهر ۾ والدين پڻ خوفِ خدا رکندڙ هجن. اها سوچ تڏهن ئي تي سگهي ٿي جڏهن گهر ۾ دنيا جي غمن ۾ نہ بلڪ آخرت جي غم ۾ لڙڪ وهايا وڃن. اهڙي **پاڪيزه سوچ** ان گهر ۾ ئي پيدا ٿي سگهي ٿي جنهن گهر ۾ **نمازن جو اِهتمام** هجي، اهڙي **پاڪيزه سوچ** ان گهر ۾ ئي ٻڌجي سگهي ٿي تہ جنهن گهر ۾ **تلاوتِ قرآن** جو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو هجي، اهڙي **مدني سوچ** ان گهر ۾ ئي ٿي سگهي ٿي تہ جنهن گهر ۾ الله ۽ رسول جي **نافرماني کي ٻُرو** سمجهيو ويندو هجي، اهڙي **اعليٰ سوچ** ان گهر ۾ ئي ٿي سگهي ٿي جنهن گهر ۾ **پردي جو اِهتمام** هجي، اهڙي سٺي سوچ ان گهر ۾ ئي ٿي سگهي ٿي جنهن گهر ۾ **ڪوڙ** کان نفرت ۽ **سچ ڳالهائڻ** کي سٺو سمجهيو ويندو هجي.

انهيءَ سوچ جو اثر هو جو حضرت امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ننڍپڻ کان ئي خوفِ خدا سان سرشار هئا. ۽ سندن شان اهو هو جو انهن کي ڏسي ٻين ۾ خوفِ خدا پيدا ٿي ويندو هو. سندن جي باري ۾ منقول آهي تہ رات جو قبرستانن ۾ ويندا هئا ۽ فرمائيندا هئا تہ اي قبر وارؤ! ڇا ڳالهہ آهي جو مان توهان کي پڪاريان ٿو تہ توهان مان ڪو شخص جواب نہ ٿو ڏئي؟ پوءِ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائيندا هئا: افسوس! تہ منهنجي ۽ توهان جي وچ ۾ اهڙو حجاب (پردو) ٿي ويو آهي. پر آئنده مان بہ توهان ئي جهڙو ٿي وڃڻ وارو آهيان. پاڻ اهي ئي ڪلمات فرمائيندا رهندا هئا ايستائين جو صبح صادق ظاهر ٿي ويندي هئي ۽ پاڻ نمازِ فجر جي لاءِ مسجد ۾ تشريف وٺي ويندا هئا. (آئينہ عبرت ص۶۴)

## مان ڪهڙي ڳٽپ ۾ اچان ٿو؟

منقول آهي تہ هڪ ڀيري حضرت سيدنا **داؤد طائي** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه حضرت امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ حاضر ٿي عرض ڪيو: اوهان ڇوتہ اهلِ بيت مان آهيون، ان ڪري مون کي ڪا نصيحت فرمايو. پر اهي خاموش رهيا.

جڏهن پاڻ ٻيهر عرض ڪيو تہ اهلِ بيت هئڻ جي لحاظ کان الله پاڪ اوهان کي جيڪا فضيلت بخشي آهي، هن لحاظ کان نصيحت ڪرڻ اوهان جي لاءِ ضروري آهي. اهو ٻڌي امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن فرمايو: مون کي تہ پاڻ اهو خوف ٿو ٿئي تہ ڪٿي قيامت جي ڏينهن منهنجا جدّ اعليٰ (يعني رسولِ اڪرم، نورِ مجسّم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) منهنجو هٿ پڪڙي اهو نہ پڇي وٺن تہ تو پاڻ منهنجي پيروي ڇو نہ ڪئي؟ ڇوتہ نجات جو تعلق نسب کان ناهي **نيڪ عملن** تي موقوف آهي. اهو ٻڌي حضرت داؤد طائي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي گهڻي عبرت ٿي تہ جڏهن اهلِ بيت جي خوفِ خدا جو اهو عالم آهي تہ مان ڪهڙي ڳڻپ ۾ اچان ٿو؟ (خوفِ خدا،ص١١١)

**اميراهلسنّت** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه اِنتهائي **عاجزي** ڪندي، پنهنجي **مالڪ** و مولیٰ جَلَّ جلاله جي **ناراضي** کي سامهون رکندي، **حشر جي گرمي** جو تصور ڪندي، **دوزخ جي خوف** کان پنهنجو پاڻ کي ٻيچاريندي **خاڪِ طيبہ جو** واسطو ڏيندي، پنهنجي **بخشش جو** سُوال ڪندي الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ عرض ڪن ٿا:

کس کے در پر میں جاؤں گا مولا گر تُو ناراض ہوگیا یارب
ہائے! حُسنِ عمل نہیں پلّے حَشر میں میرا ہوگا کیا یارب
گرمیِ حَشر، پیاس کی شدّت جامِ کوثر مجھے پلا یارب
خوف دوزخ کا آہ! رحمت ہو خاکِ طیبہ کا واسطہ یارب
میرا نازُک بدَن جہنّم سے از طُفیلِ رضا بچا یارب
طالِبِ مغفِرت ہوں یاالله بَخْش حیدر کا واسِطہ یارب
(وسائلِ بخشش مرمم،ص٨٠)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! هينئر اسان حضرت سيدنا امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي صرف هڪ تمام ئي پياري وصف **خوفِ خدا** بابت ٻڌو، جڏهن تہ سندن جو

شان اهو آهي تہ پاڻ هر وصف ۾ بي مثل ۽ بي مثال آهن. عبادت، رياضت، تقويٰ، زُهد، پرهيزگاري، نرمي، شفقت، بردباري، خوفِ خدا، علم و عمل اَلغَرَض! پاڻ بهترين عادتن ۽ عبادتن ۾ اعليٰ درجي جا مالڪ هئا. اچو! سندن مختصر تعارف ٻڌون ٿا:

## امام جعفر صادق رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْه جو مختصر تعارف

حضرتِ **امام جعفر صادِق** رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي وِلادت 17 ربيع الاوّل 83 هجري سومر شريف جي ڏينهن مديني شريف ۾ ٿي. **حضرت امام جعفر صادق**رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي ڪنيت ابو عبداللّٰه ۽ ابواسماعيل آهي جڏهن تہ لقب صادق، فاضل ۽ طاهر آهي. **حضرت امام جعفر صادق** رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه حضرتِ امام محمد باقررَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جا وڏا صاحبزاده آهن. حضرت **امام جعفر صادق** رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي والده محترمہ جو نالو حضرت سيدتنا اُمّ فَروَہ آهي جيڪا اميرُالمؤمنين حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰه عَنْهُ جي پوٽي آهي. (شرح شجره قادريه، ص ٥٨) جڏهن تہ سندن والدِ گرامي جو مبارڪ نالو حضرت امام محمد باقر آهي جيڪي امام زَينُ العَابِدِين جا پٽ آهن، اهڙي طرح پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه امڙ سائڻ جي طرفان اميرُالمؤمنين حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰه عَنْهُ ۽ والد محترم جي طرفان حضرت علي رَضِیَ اللّٰه عَنْهُ سان ملن ٿا. يعني پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه والده جي طرفان ”صديقي“ ۽ والد جي طرفان ”**علوي ۽ فاطمي**“ آهن.
( شرح العقائد، ص٣٢٨ )

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** اسان ٻڌو تہ حضرت امام جعفر صادق رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْه سيد آهن، **قادري سلسلي** جا شيخ آهن. حضرت موليٰ علي رَضِیَ اللّٰه عَنْهُ جي اولاد مان آهن. گلستانِ اهل بيت جا مهڪندڙ گل آهن ۽ اهلِ بيت ڪرام ۾ شامل آهن. ۽ اهلِ بيتِ ڪرام جو شان اهو آهي جو آقا ڪريم، رسولِ عظيم صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: ڪو بانهو ڪامل مومن نٿو ٿئي سگهي ايستائين جو مان ان کي ان جي جان کان وڌيڪ پيارو نہ هجان ۽ منهنجو اَولاد ان کي پنهنجي جان کان وڌيڪ پيارو نہ هجي ۽ منهنجو اهل اُن کي پنهنجيت اهل کان وڌيڪ مَحبُوب نہ هجي ۽ منهنجي ذات ان کي پنهنجي ذات کان وڌيڪ پياري نہ هجي. (شعب الايمان،باب في حب النبي، ٢/ ١٨٩ ،حديث: ١٥٠٥)

اسان کي گهرجي تہ اهلِ بيت اطهار سان محبت کي پنهنجو شعار بڻايون ڇوتہ انهن حضرات جي محبت ۽ انهن سان تعلق ۽ وابستگي خير ۽ برکت جو سبب بہ آهي ۽ گمراهي کان نجات جو ذريعو بہ آهي. جيکو هنن حضراتِ قُدسيہ سان وابستہ ٿي ويندو آهي اهو ڪامياب ٿي ويندو آهي ۽ اهو ڪڏهن گمراهہ ناهي ٿيندو جيئن پياري پياري آقا صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: مان توهان ۾ بہ شيون ڇڏي وڃي رهيو آهيان جيستائين توهان هنن کي مضبوطي سان پڪڙي رکندؤ ڪڏهن بہ گمراهہ نہ ٿيندؤ. (1) ڪتابُ اللهِ ۽ (2) منهنجي آل. (مسلم، کتاب فضائل الصحابه، ص۱۰۰۸، حديث:۲۴۰۸، ملتقطا) الله پاڪ اسان کي اهلِ بيت جي سچي محبت عطا فرمائي ۽ صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان جو بہ سچو عاشق بڻائي.

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ظاهري وباطني علوم جا ماهر هئا ۽ رياضت و عبادت ۾ مشهور هئا. مالڪين جا عظيم پيشوا حضرت امام مالڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مان هڪ زماني تائين حضرت امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خدمتِ بابرڪت ۾ ايندو رهيس. مون هميشہ امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي ٽن عبادتن مان ڪنهن هڪ ۾ مصروف ڏٺو يا تہ نماز پڙهندي نظر ايندا هئا يا تلاوتِ قرآن ۾ مشغول هوندا هئا يا وري روزي سان هوندا هئا. (شرح شجره قادريه ،ص۵۸ بتغير قليل) حضرت امام جعفرصادق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: الله پاڪ دنيا کي حڪم اِرشاد فرمايو: اي دُنيا! جيڪو منهنجي عبادت ڪري تون ان جي خدمت ڪر ۽ جيڪو تنهنجي خدمت ڪري تون ان کي ٿڪائي ڇڏ. (حلية الاولياء،جعفر بن محمد صادق ۳/۲۲۶، رقم: ۳۷۸۵)

حضرتِ سيدُنا عَمرو بن مِقدام رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بيان ڪن ٿا: مان جڏهن بہ حضرتِ سيدُنا امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي ڏسندو آهيان تہ سمجهي ويندو آهيان تہ هو انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ السَّلَام جي اولاد مان آهن. مروي آهي تہ حضرتِ سيدُنا امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ماڻهن کي ايتري قدر کارائيندا هئا جو ڪڏهن ڪڏهن گهروارن جي لاءِ بہ ڪجهہ باقي نہ بچندو هو. (حلية الاولياء،جعفر بن محمد صادق ۳/۲۲۵،رقم:۳۷۸۲)

حضرت امام جعفرصادق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي 68 سالن جي عمر ۾ 15 رجب المرجب

148ھ جو ڪنھن بدنصيب زھر ڏنو، جيڪو سندن شھادت جو سبب بڻيو.

**حضرت امام جعفر صادق** رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو مزارِ اقدس جنت البقيع ۾ والدِ محترم حضرت امام محمد باقر رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي پرسان آھي. (شرح شجرہ قادریہ،ص۵۹)

صدقِ صادِق کا تَصَدُّق صادِقُ الاسلام کر        بے غضب راضی ہو کاظم اور رضا کے واسطے

**مختصر وضاحت:** يا الله پاڪ تو ڪي امام جعفر صادِق رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي "صِدق" جو واسطو مون کي ايمان جي سلامتي نصيب فرما ۽ امام موسيٰ ڪاظم رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ۽ امام علي رضا رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي صدقي مون تي بنا غضب جي راضي ٿي وڃ.

اٰمِيۡن بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب!        صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## امام جعفر صادق رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو علم

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت امام جعفر صادق رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه بي پناھ علم وفضل جا مالڪ ھئا. ڪروڙين حنفين جا امام، حضرت امامِ اعظم ابوحنيفه رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جيڪي پاڻ علم جا سمندر ھئا پاڻ بہ حصولِ علمِ دين جي لاءِ ٻن سالن تائين حضرت امام جعفر صادق رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي صحبتِ بابَرَڪت ۾ رھيا. حضرت امامِ اعظم نعمان بن ثابت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه خود فرمائن ٿا: لَو لَا السَّنَتَانِ لَهلَكَ النُّعمَانُ جيڪڏھن منھنجي زندگي ۾ اھي بہ سال (جيڪي مون امام جعفر صادق رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي خدمت ۾ گذاريا) نہ ھجن ھا تہ نعمان ھلاڪ ٿي ويو ھجي ھا. (آدابِ مرشد کامل،ص۱۷۰)

## ابنِ آدم تي الله پاڪ جا احسان

اڄو! انھيءَ باري ۾ حضرت امام جعفر صادق رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو ھڪ واقعو ٻڌون ٿا: جيئن ھڪ بزرگ جو بيان آھي تہ مون، حضرتِ سيدُنا ابنِ ابو ليليٰ ۽ حضرتِ سيدُناامامِ اعظم ابو حنيفه رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه سان گڏ حضرتِ سيدُنا جعفر بن محمد صادق رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي خدمت ۾ حاضر ٿيس. حضرتِ سيدُنا امام جعفر بن محمد صادق رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه حضرتِ سيدُنا امام اعظم ابوحنيفه رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کان پڇيو:

اوهان جو نالو ڇا آهي؟ عرض ڪيائين: نعمان. پڇيائين: اي نعمان! ڇا اوهان پنهنجي متي ڪي ناپيو آهي؟ عرض ڪيائين: مان پنهنجي متي ڪي ڪيئن ناپي سگهان ٿو؟ وري پڇيائون: ڇا توهان اکين جي لوڻياٺ، ڪنن جي ڪوڙاڻ، ناسن جي حرارت ۽ چپن جي مناس جي باري ۾ ڪجهه ڄاڻون ٿا؟ عرض ڪيائون: نه. پڇيائون: توهان اهو جملو ڄاڻو ٿا جنهن جو اوّل ڪفر ۽ آخر ايمان آهي؟ حضرتِ سيدُنا ابنِ ابوليليٰ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه عرض ڪيو: اي اِبْنِ رَسُولُ الله! جن شين جي باري ۾ اوهان پڇا ڪئي آهي انهن جي باري ۾ اسان کي آگاهه فرمايو. فرمايائون: منهنجي ڏاڏي (امام زين العابدين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه) کان روايت آهي ته حضور نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: الله پاڪ پنهنجي فضل ۽ احسان سان لوڻياٺ ابنِ آدم جي اکين ۾ رکي ڇاڪاڻ ته اهي ٻئي چربي جا ٽڪر آهن، جيڪڏهن ائين نه هجي ها ته اهي ڳري وڃن ها.

اِبنِ آدم تي فضل ۽ احسان ۽ مهرباني ڪندي الله پاڪ ڪوڙاڻ انهن جي ڪنن ۾ رکي جيڪا جيت، ماڪوڙن جي لاءِ رڪاوٽ آهي ڇوته جيڪڏهن ڪو جيت ڪن ۾ داخل ٿئي ته دماغ تائين پهچي وڃي پر جڏهن ڪوڙاڻ چکندو آهي ته نڪري ڀڄي ويندو آهي.

الله پاڪ پنهنجي فضل واحسان ۽ رحمت سان حرارت اِبنِ آدم جي ناسن ۾ رکي جنهن سان هو بُو سُونگهندو آهي جيڪڏهن اها نه هجي ته دماغ بدبُودار ٿي وڃي.

الله پاڪ اِبنِ آدم تي مهرباني ۽ فضل واحسان ڪندي مناس ان جي چپن ۾ رکي جنهن جي ذريعي هو هر شيءِ جو ذائقو چکندو آهي ۽ ماڻهو ان جي گفتگو جي مناس سان لطف اندوز ٿيندا آهن. (الفوائد لتمام الرازي، ۱/ ۱۱۱ ، حديث:۲۶۲)

امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه نيڪ فرمائن ٿا:

مُفلِسی کا میں کیوں کروں شِکوہ
نعمتوں سے نِہال رکھا ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## جيڪا پوک پوکيندؤ اها ئي لڻندؤ

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هن ۾ ڪو شڪ ناهي تہ حضرت امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي والدين جي تربيت جو بهترين مظهر هئا. ۽ پوءِ انهن بہ پنهنجي اولاد جي بهترين تربيت ڪئي. سندن صاحبزاده حضرت سيدنا امام موسيٰ ڪاظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي وقت جا بهترين عالم، مُفتي، شيخ، الله جا ولي ۽ طريقت و معرفت جا امام هئا. ۽ اهو سڀ سندن والد حضرت امام جعفر صادق رَحْمَةُاللهِعَلَيْه جي تربيت جو فيضان هو.

ياد رکو تہ انسان جيڪا پوک پوکيندو آهي اها ئي لڻندو آهي، اهو نٿو ٿي سگهي تہ پوکيو تہ ڪجھ ٻيو هو پر جڏهن لڻڻ جو وارو آيو تہ ڪجھ ٻيو نڪتو، اهو ئي مثال اولاد جو آهي تہ والدين اولاد جي اسلامي طريقي سان تربيت نٿا ڪن پر پوءِ بہ اها خواهش رکن ٿا تہ "اسان جا ٻار بہ نيڪ پرهيز گار بڻجن، والدين جا فرمانبردار بڻجن، مُعاشري ۾ عزّت دار ۽ پاڪيزه ڪردار وارا بڻجن" جڏهن نتيجو ان جي ابتڙ ايندو آهي تہ ڪافي دير ٿي چڪي هوندي آهي، ان وقت والدين جيڪڏهن اصلاح جي ڪوشش ڪرڻ چاهن تہ بہ نٿا ڪري سگهن.

**ياد رکو!** اولاد جي بهترين تربيت ڪرڻ والدين جي اهم ذمہ دارين مان آهي ۽ ان ذمہ داري کي اسان جا بزرگ سڳورا تمام سٺي انداز ۾ نڀائيندا هئا، وقت بوقت پنهنجي ٻارن کي مختلف انداز ۾ نصيحتون ڪندا هئا. امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي پٽ کي ڪهڙيون ڪهڙيون نصيحتون ڪيون، اچو! اهي نصيحتون ۽ انهن مان حاصل ٿيندڙ مدني گل ٻڌون ٿا:

## امام جعفر صادق جون پنهنجي پٽ کي نصيحتون

هڪ بزرگ بيان ڪن ٿا: حضرت امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي هڪ شاگرد مون کي ٻڌايو تہ هڪ ڀيري مان حضرت جي خدمت ۾ حاضر ٿيس، حضرت موسيٰ ڪاظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه انهن وٽ ويٺا هئا ۽ پاڻ ان کي نصيحت ڪري رهيا هئا.

ڪجھ ڳالھيون جيڪي مان ياد رکي سگھيس اھي ھي آھن:

**حضرت امام جعفر صادق** رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جن فرمايو: **اي منھنجا پٽ!** منھنجي نصيحت قبول ڪر ۽ منھنجي ڳالھين کي ياد رکجان، جيڪڏھن انھن کي ياد رکندين تہ زندگي بہ چڱي گذرندي ۽ موت بہ قابلِ رشڪ ايندو.

## مال دار ڪير؟

**حضرت امام جعفر صادق** رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه **پھرين نصيحت** اھا ڪئي تہ: **اي منھنجا پٽ!** مال دار اھو آھي جيڪو رب تعاليٰ جي تقسيم تي راضي رھي ۽ جيڪو ٻين جي مال تي نظر رکي اھو فقر (محتاجي) جي **حالت** ۾ ئي مرندو آھي. تقسيمِ الٰھي تي راضي نہ رھڻ وارو جڻ تہ اللّٰہ پاڪ کي ان جي فيصلي ۾ تھمت لڳائيندو آھي. پنھنجي غَلَطي کي ننڍو سمجھڻ وارو ٻين جي غلطي کي وڏو ۽ ٻين جي غلطي کي ننڍو خيال ڪرڻ وارو پنھنجي غلطي کي وڏو سمجھندو آھي.

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** ھن نصيحت مان اسان کي اھو سکڻ لاءِ مليو تہ پنھنجي اندر **قناعت** پيدا ڪريون ۽ ھر حال ۾ اللّٰہ پاڪ جو شڪر ادا ڪندا رھون ۽ ھو مالڪ جنھن حال ۾ رکي، ان جي رِضا تي راضي رھون.

## عالمن جي صحبت عزت جو سبب آھي

امام جعفر صادق رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه **ٻي نصيحت** اھا ڪئي تہ: اي **منھنجا پٽ!** ٻين جي عيبن تان پردو ھٽائڻ واري جا پنھنجا عيب ظاھر ٿي ويندا آھن. بغاوت جي تلوار بلند ڪرڻ وارو انھيءَ سان قتل ڪيو ويندو آھي. ڪنھن جي لاءِ کڏ کوٽڻ وارو پاڻ ئي ان ۾ وڃي ڪرندو آھي. بيوقوفن جي صحبت ۾ ويھڻ وارو حقير ۽ ذليل ھوندو آھي جڏھن تہ عالم سڳورن جي صحبت اختيار ڪرڻ وارو **عزت** ماڻيندو آھي ۽ بُرائي جي جڳھ تي وڃڻ واري تي تھمت لڳائي ويندي آھي.

**پيارا اسلامي ڀائرو!** ھن نصيحت مان اسان کي اھو مدني گل مليو تہ اسان

ٻين جا عيب نہ ڪوليون، هميشہ ٻين جي خيرخواهي ڪريون ۽ عالم سڳورن جي صحبتن ۾ ويهڻ جي ڪوشش ڪريون.

**ٽئين نصيحت** ڪندي پاڻ رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه ارشاد فرمايائون:

**اي منهنجا پٽ!** ماڻهن تي **عيب لڳائڻ** کان بچجان نہ تہ ماڻهو توتي عيب لڳائيندا ۽ **فضول ڳالهين کان** بچجان نہ تہ انهن جي ڪري عزّت ۾ گهٽتائي ٿيندي.

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** هن نصيحت مان اسان کي اهو مدني گل مليو تہ ٻين جي خامين تي نظر رکڻ جي بدران پنهنجي خامين کي تلاش ڪريون، پنهنجي اصلاح ڪريون ۽ هميشہ فضول ۽ بي مقصد گفتگو کان بچون.

امام جعفر صادق رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه **چوٿين نصيحت** اها ڪئي تہ:

**اي پٽ!** حق ڳالهہ ئي ڪجان چاهي تنهنجي حق ۾ هجي يا خلاف چوتہ مذمّت تو کي پنهنجي دوستن جي طرفان ئي سهڻي پوندي.

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** هن نصيحت مان اسان کي اهو مدني گل مليو تہ **سچار هميشہ ڪامياب آهي**، تنهنڪري اسان کي هر حال ۾ شريعت جي تقاضن جي مطابق سچ ڳالهائڻ گهرجي.

## بغض ۽ نفرت جو سبب

چوٿين نصيحت کان پوءِ **پنجين نصيحت** ڪندي فرمايائون:

**اي منهنجا پٽ!** قرآنِ پاڪ جي تلاوت ڪندو رهجان، سلام کي عام ڪجان، نيڪي جو حڪم ڏجان ۽ بُرائي کان منع ڪجان، جيڪو تو سان تعلق ٽوڙي تون ان سان رشتو جوڙجان، جيڪو تو سان نہ ڳالهائي تون ان سان ڳالهائڻ ۾ اڳرائي ڪجان، جيڪو توکان ڪجھ گهري ان کي عطا ڪجان، چغلخوري کان بچجان چوتہ اها دلين ۾ بغض پيدا ڪندي آهي. ماڻهن جا عيب

ڳوليندو نہ رهجان ڇوتہ اها شيء پنهنجو پاڻ کي (مذمت ۽ تهمت جو) هدف بنائڻ جي قائم مقام آهي.

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** هن نصيحت مان حاصل ٿيندڙ تمام مدني گل زندگي کي بهتر کان بهترين بڻائي سگهن ٿا. پر ياد رهي! اسان پنهنجي زندگي کي بهترين انهيء صورت ۾ بڻائي سگهون ٿا تہ جڏهن اسان انهن خوشبودار **قيمتي مدني گلن، سُنهري اُصولن کي دل ۾ جان سان قبول ڪندي عمل** جي بہ ڪوشش ڪنداسين.

## نافرمانن جو مثال

امامِ جعفر صادق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه **ڇهين نصيحت** جيڪا پاڻ پنهنجي پٽ کي ڪيائون اها هي هئي:

**اي منهنجا پٽ!** جيڪڏهن ملاقات جي تمنا هجي تہ نيڪ ماڻهن سان ملجان، نافرمانن سان نہ ملجان ڇوتہ نافرمان ان ڇٽان جيان آهن جنهن مان پاڻي ناهي وهندو، اهڙي وڻ جيان آهن جيڪو سر سبز و شاداب ناهي ٿيندو، اهڙي زمين جي مثل آهن جنهن تي گاهہ ناهي ڦٽندو. (حلية الاولياء،جعفر بن محمد صادق ۳ /۲۲۸، رقم:۳۷۹۳)

## شاهڪارِ تربيت امام موسيٰ ڪاظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه

**پيارا اسلامي ڀائرو!** حضرت امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي پنهنجي پٽ کي ڪيل نصيحتن جو خلاصو هيءُ آهي تہ مال دار اهو آهي جيڪو **ربّ تعاليٰ جي تقسيم تي راضي** رهي. ٻين جا **عيب ڍڪيا** وڃن. **عالمن جي صحبت** ۾ ويهڻ گهرجي. ماڻهن تي **عيب لڳائڻ** کان بچڻ گهرجي. هميشہ **حق ڳالهہ** ڪرڻ گهرجي. قرآنِ پاڪ جي **تلاوت** ڪرڻ، **سلام** کي عام ڪرڻ، **نيڪي** جو حڪم ۽ **بُرائي** کان منع ڪرڻ، تعلق ٽوڙڻ واري سان تعلق رکڻ، گهرڻ واري کي عطا ڪرڻ ۽ **چغلخوري** کان بچڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. نيڪ ماڻهن سان ملڻ گهرجي ۽ بُرن کان دُور رهڻ گهرجي.

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان حضرت امام جعفر صادق رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ جون پنهنجي پٽ **امام موسيٰ ڪاظم** رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ کي ڪيل نصيحتون پڙهيون، انهن ئي نصيحتن ۽ تربيت جو اهو نتيجو هو جو حضرت امام موسيٰ ڪاظم رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ پنهنجي والد جا سچا جانشين ثابت ٿيا. حضرت امام موسيٰ ڪاظم رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ جون راتيون پنهنجي رب جي بارگاهه ۾ سجدن ۾ ۽ ڏينهن روزن ۾ گذرندا هئا. حِلم ۽ بُردباري جو پيڪر هئڻ جي ڪري سندن لقب ڪاظم (يعني غُصّي کي پيئڻ وارو) مشهور ٿيو.

حضرت امام موسيٰ ڪاظم رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ جي سخاوت جو اهو عالم هو جو مديني شريف جي فقيرن کي تلاش ڪندا هئا ۽ هر هڪ کي ان جي ضرورت جي مطابق رقم رات جي وقت اهڙي طرح پهچائيندا هئا جو انهن کي خبر تائين نه پوندي هئي ته اها رقم ڪير ڏئي ويو آهي. حضرت امام موسيٰ ڪاظم رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ مُستَجابُ الدَّعوات ته اهڙا هئا (يعني اهڙا بزرگ هئا جن جون دعائون قبول ٿينديون هيون ان ڪري) جيڪي ماڻهو ڪيس کان دُعا ڪرائيندا ها اهي پنهنجي مقصد کي ماڻيندا هئا ۽ انهن جون حاجتون پوريون ٿينديون هيون. بلڪ سندن جو شان ته اهو هو سندن وصال کان پوءِ به انهن جي قبرِ انور تي وڃي جيڪا دعا گهري ويندي هئي الله پاڪ قبول ڪندو هو.

جيئن شيخ امام خلّال رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: مون کي جڏهن به ڪو معاملو در پيش ٿيندو آهي، ته مان امام موسيٰ ڪاظم بن جعفر صادق جي مزار تي حاضر ٿي سندن جي وسيلي سان دعا ڪندو آهيان. الله پاڪ منهنجي مشڪل کي آسان ڪري منهنجي مراد پوري فرمائيندو آهي. (تاريخ بغداد،باب ماذكر في مقابر بغداد الخصوصة بالعلماء والزهاد،١/١٣٣)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## والدين جو اولاد سان تعلق

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن اسان به چاهيون ٿا ته اسان جو اولاد به نيڪ ۽ پرهيزگار بڻجي ته انهن جي چڱي انداز ۾ تربيت ڪريون، بزرگن جي

طريقي تي انهن جي اصلاح ڪريون، نيڪين ڏانهن راغب ڪريون ۽ پاڻ بہ نيڪ عمل ڪرڻ وارا بڻجي وڃون. ياد رکو! عام طور تي ٻار والدين جي عادتن ۽ ڪردار جي پيروي ڪندا آهن، جيڪڏهن والدين شريعت جا پابند ۽ علم جي طلب جا شوقين هجن تہ انهن جون نسلون بہ نيڪين جي راهہ تي هلنديون آهن ۽ والدين جي نجات و بخشش ۽ نيڪ نامي جو سبب بڻجنديون آهن، ۽ جيڪڏهن والدين پاڻ بُري عادتن جا شڪار هجن تہ اولاد ۾ بہ اهي بُرائيون منتقل ٿي وينديون آهن ۽ اهڙو اولاد نجات جو سبب ناهي، بلڪ هلاڪت جو سبب بڻجي ويندو آهي.

**ياد رکو!** اولاد جي تربيت ماءُ پيءُ ٻنهي جي ذمہ داري آهي پر پيءُ ڪمائڻ جو بهانو بڻائي اولاد جي تربيت جي سڄي ذِميواري ٻارن جي ماءُ تي وجهي پاڻ کي بَري الذّمہ سمجهندو آهي، جڏهن تہ ٻارن جي ماءُ گهر جي ڪمن جو عذر پيش ڪريَ اولاد جي تربيت جو اصل ذِمّيوار پنهنجي مڙس کي قرار ڏيندي آهي، پوءِ نتيجو هي نڪرندو آهي جو اهڙو اولاد هٿن مان نڪري تمام گهر وارن جي لاءِ رحمت جو سبب بڻجڻ بدران زحمت جو سبب بڻجي ويندو آهي. تنهنڪري والدين کي گهرجي تہ پنهنجي ذمہ داري نڀائيندي ملڪ و ملت ۽ مستقبل جي انهن معمارن کي ننڍپڻ ئي کان نيڪ ۽ معاشري جو باڪردار فرد بنائڻ ۾ هرگز سُستي نہ ڪن ڇاڪاڻ تہ ننڍپڻ ۾ جيڪو سيکاريو وڃي، ان جا اثرات مضبوط ۽ دير تائين رهندا آهن جيئن تہ حديث پاڪ ۾ آهي: اَلْعِلْمُ فِی صِغَرِہٖ کَالنَّقْشِ عَلَی الحَجَر ننڍپڻ ۾ علم حاصل ڪرڻ پٿر تي نقش وانگر (پختو) هوندو آهي. (مجمع الزوائد،۱/۳۳۳،حديث:۵۰۱۵)

اچو! اولاد جي تربيت جي باري ۾ اسان کي تربيت جو ذهن ڏيڻ واري آقا، اسان کي ۽ اسان جي اولاد کي جهنم جي باهہ کان بچائڻ واري مصطفي صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا 3 فرمان ٻڌون ٿا:

## اولاد جي تربيت جي باري ۾ فرمانِ مصطفي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ

1. نبي ڪريم، رؤف رحيم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جڏهن اها آيت سڳوري تلاوت فرمائي

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا قُوْۤا اَنْفُسَكُمْ وَ اَهْلِيْكُمْ نَارًا (پ 28 التحريم؛ 6)

ترجموڪنزالايمان: اي ايمان وارؤ! پنهنجي جانين ۽ پنهنجي گهروارن کي ان باهه کان بچايو.

تہ صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو: "يا رسول اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ! اسين پنهنجي اهل و عيال کي جهنم جي باهه کان ڪهڙي طرح بچائي سگهون ٿا؟ تنهن تي پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: توهان پنهنجي اهل و عيال کي انهن شين جو حڪم ڏيو جيڪي اللّٰه پاڪ کي پسند آهن ۽ انهن ڪمن کان روڪيو جيڪي ربّ ڪريم کي پسند نہ آهن." (دُرِّ مَنثور، ٨ / ٢٢٥)

2. ارشادفرمايائون: پنهنجي اولاد کي ٽن خصلتن جي تعليم ڏيو (١) پنهنجي نبي (صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ) جي محبت (٢) اهلِ بيت جي محبت ۽ (٣) قرآنِ پاڪ جي تعليم. (جامع صغير،باب الهمزه، حديث:٣١١، ص٢٥)

3. ارشاد فرمايائون: ڪنهن پيءُ پنهنجي اولاد کي اهڙو تحفو ناهي ڏنو، جيڪو سٺي ادب کان بهتر هجي. (ترمذي، ڪتاب البر والصلة، باب ما جاء في ادب الولد، ٣٨٣/٣،حديث: ١٩٥٩)

مشهور مفسرِ قرآن، حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيه هن حديث جي حوالي سان فرمائن ٿا: سٺي ادب مان مُراد ٻار کي دِيندار، مُتّقي، پرهيزگار بنائڻ آهي. اولاد جي لاءِ ان کان بهتر تحفو ڪهڙو ٿي سگهي ٿو جو اهي شيون دِين و دنيا ۾ ڪم ايندڙيون آهن. ماءُ پيءُ کي کپي تہ اولاد کي صرف مالدار بڻائي دنيا مان نہ وڃن، انهن کي دِيندار بڻائي وڃن جو خود انهن کي بہ قبر ۾ ڪم اچن هن طرح جو زنده اولاد جي نيڪين جو ثواب مُڙدي کي قبر ۾ ملندو آهي. (مرآة المناجيح،٥٦٥/٦،ملتقطاً)

## اولاد جو والدين سان تعلق

اي عاشقانِ اولياء! قرآن ۽ حديثن ۾ والدين جي شان ۽ عظمت کي بار بار بيان ڪيو ويو آهي، تنهنڪري اولاد تي به لازم آهي ته هو والدين سان احسان ۽ ڀلائي وارو سلوڪ ڪري. انهن جو ادب و احترام ڪري، انهن جي خوب تعظيم و توقير ڪري، انهن جي خدمت کي پنهنجي سعادت سمجهي، خُصوصاً انهن جي پوڙهائپ ۾ وڌيڪ خدمت جي حاجت آهي . يقينا ماءُ پيءُ جي پوڙهائپ اِنسان کي اِمتِحان ۾ وجهي ڇڏيندي آهي، ڪڏهن ڪڏهن پوڙهائپ ۾ بستر تي ئي گندگي وغيره ڪري ڏيندا جنهن جي ڪري عموماً اولاد بيزار ٿي ويندو آهي، پر ياد رکو! اهڙي حالت ۾ به والدين جي خدمت لازمي آهي، ننڍپڻ ۾ ماءُ به آخر ٻار جي گندگي برداشت ڪندي آهي، پوڙهائپ ۽ بيمارين سبب ماءُ پيءُ جي طبيعت ۾ چاهي ڪيتري ئي چڙ اچي وڃي، بنا ڪنهن سبب جي وڙهن، چاهي ڪيترو ئي وڙهن، پلي پريشان ڪري ڇڏن پر صبر صبر ۽ صبر ئي ڪرڻو آهي ۽ انهن جي عزت ئي ڪرڻي آهي، انهن جي تعظيم ۽ توقير ڪرڻ ضروري آهي. انهن سان بدتميزي ڪرڻ انهن کي دڙڪا ڏيڻ ته پري جي ڳالهه پر انهن کي "اُف " به ناهي ڪرڻو نه ته بازي هٿن مان نڪري سگهي ٿي ۽ ٻنهي جهانن ۾ تباهي مقدر بڻجي سگهي ٿي ڇوته والدين جي دل ڏکائڻ وارو هن دنيا ۾ به ذليل ۽ خوار ٿيندو آهي ۽ آخرت ۾ به عذاب جو حقدار ٿيندو آهي. الله پاڪ سيپاري 15 سورهٔ بني اسرائيل، آيت نمبر23 ۾ والدين جو ادب سيکاريندي ارشاد فرمائي ٿو:

فَلَا تَقُلْ لَّهُمَاۤ اُفٍّ وَّ لَا تَنْهَرْهُمَا

(پ١٥،بني اسرا ئيل :٢٣)

ترجمو ڪنزُالايمان: ته **انهن کي اُف** (هون) نه چئجان ۽ نه انهن کي جهڙڪ

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! غور ڪريو جڏهن والدين جي سامهون **اُف** (هون) تائين ڪرڻ ڪان منع آهي ته انهن جي اڳيان زبان هلائڻ، رڙيون ڪرڻ ڪيتري محرومي جي ڳالهه آهي. هيٺئر جيڪا آيت اسان پڙهي ان جي حوالي سان

حضرت علامہ مفتي نعيمُ الدّين مُرادآبادي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: (والدين جي سامهون) تہ ڪا اهڙي ڳالهہ زبان مان نہ ڪيجان جنهن مان اهو سمجهيو وڃي تہ انهن جي سبب طبيعت تي ڪجھ (بيزاري) آهي. نہ اُنهن کي ڌڙڪا ڏجان، نہ تيز آواز سان گفتگو ڪجان بلڪ ڪمالِ حُسنِ اَدب (تمام سٺي ادب) سان ماءُ پيءُ سان اهڙي طرح ڪلام ڪر جيئن غُلام ۽ خادِم (پنهنجي) آقا سان ڪندو آهي. انهن سان نَرمي ۽ عاجزي سان پيش اچجان، ۽ انهن سان ٿڪل وَقت ۾ شَفقت ۽ مَحبَّت ڀريو ورتاءُ ڪر وڏيڪ فرمائن ٿا: تہ دنيا ۾ بهتر سُلُوڪ ۽ خدمت ۾ ڪيترو بہ مُبالَغو ڪيو وڃي پر والِدَين جي اِحسان جو حق ادا نٿو ٿي سگهي، ان ڪري انسان کي گهرجي تہ بارگاهِ اِلٰهي ۾ انهن تي فَضل و رَحمت فرمائڻ جي دُعا ڪري ۽ عَرض ڪري تہ ياربّ! منهنجون خدمتون انهن جي احسان جو بدلو نٿيون ٿي سگهن، تون انهن تي ڪرم ڪر تہ جيئن انهن جي اِحسان جو بدلو ٿئي. (خزائن العرفان،پ١، بني اسرائيل ،تحت الآية:٢٣ ملتقطاً)

## والدين سان احسان ۽ ڀلائي ڪرڻ بابت حديث سڳوريون

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! حديث سڳورين ۾ والدين سان احسان ۽ ڀلائي ڪرڻ، انهن جو ادب و احترام ڪرڻ، انهن کي خوش رکڻ ۽ انهن جي دل نہ ڏکائڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي، تنهنڪري والدين کي راضي ڪرڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪرڻ گهرجي. ڇوتہ انهن جي رضا ۾ الله پاڪ جي رضا ۽ انهن جي ناراضي ۾ الله پاڪ جي ناراضي آهي. اچو! 3 حديث سڳوريون ٻڌون ٿا.

1. ارشاد فرمايائون: رِضَا اللّٰہِ فِیْ رِضَا الْوَالِدَيْنِ وَسَخَطُ اللّٰہِ فِیْ سَخَطِ الْوَالِدَيْنِ يعني والدين جي رضا ۾ الله پاڪ جي رضا ۽ ان جي ناراضي ۾ الله پاڪ جي ناراضي آهي. (شعب الايمان ،باب في بر الوالدين،١٧٧/٦،حديث:٧٨٣٠ )

2. ارشاد فرمايائون: هُمَا جَنَّتُكَ وَ نَارُكَ اهي (والدين) ٻئي تنهنجا جنت ۽ دوزخ آهن (يعني انهن کي راضي رکڻ سان جنت ملندي ۽ ناراض رکڻ سان دوزخ جا حقدار ٿيندؤ.) (ابنِ ماجه،ڪتاب الادب، باب بر الوالدين ،١٨٦/٤،حديث:٣٦٦٢)

3. اِرشاد فرمايائون: هر گناهه کي الله پاڪ جنهن جي لاءِ چاهيندو آهي بخشيندو آهي پر ماءُ پيءُ جي نافرماني ڪرڻ واري ۽ انهن کي تڪليف ڏيڻ واري کي ناهي بخشيندو بلڪ ائين ڪرڻ واري کي مرڻ کان پهريان دُنيا جي زندگي ۾ ئي جلد سزا ڏيندو آهي. (شعب الايمان،باب في بر الوالدين ، فصل في عقوق الوالدين ،۱۹۷/۶، حديث ۷۸۹۰)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم "مسجد درس"

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اڄ جي هن پُرفتن دور ۾ جيڪڏهن اسان چاهيون ٿا ته اسان جو اولاد نيڪ بڻجي وڃي، والدين جو فرمانبردار بڻجي وڃي ته پاڻ به دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته رهو ۽ انهن کي به هن پياري مدني ماحول سان وابسته ڪريو. پاڻ به **ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن** ۾ حصو وٺو ۽ پنهنجي ٻارن کي به ان جي ترغيب ڏياريو. اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي طرفان روزانو گهٽ ۾ گهٽ 2 ڪلاڪ مدني ڪمن جي لاءِ ڏيڻ جي ترغيب اِرشاد فرمائي وئي آهي. يقيناً جيڪو جيترو وڌيڪ وقت ڏيندو، اِنْ شَآءَاللّٰه ان جي لاءِ ثواب ڪمائڻ جا موقعا به ايتري قدر گهڻا هوندا. اِنْ شَآءَاللّٰه

ذيلي حلقي جي 12 مَدَني ڪمن مان روزانو جو هڪ مَدَني ڪم "مسجد درس" به آهي. ❖ "مسجددرس" سان مسجدون آباد ٿين ٿيون. ❖ "مسجد درس" سان انفرادي ڪوشش ڪرڻ جو موقعو ملندو آهي. ❖ "مسجد درس" سان نمازين جي تعداد ۾ اضافو ٿيندو آهي. ❖ "مسجد درس" جي برڪت سان ڀلائي جون ڳالهيون سکڻ سيکارڻ جو موقعو ملندو آهي. ڀلائي جون ڳالهيون سکڻ سيکارڻ جي ته ڇا ڳالهه ڪجي، جيئن

منقول آهي ته الله ڪريم حضرتِ سَيدُنا مُوسيٰ عَلَيه السَّلَام ڏانهن وَحي فرمائي: ڀلائي جون ڳالهيون پاڻ به سکو ۽ ٻين کي به سيکاريو، مان ڀلائي سکڻ ۽ سيکارڻ وارن جي قبرن کي روشن فرمائيندس ته جيئن انهن کي ڪنهن قسم

جي وَحشت نہ ٿئي. (حِلیۃُ الاَولیاء،۶/۵،حدیث:۷۶۲۲) بيان ڪيل روايت مان معلوم ٿيو تہ سنين سنين نيتن سان سُنَّتن ڀريو بيان ڪرڻ يا درس ڏيڻ ۾ ٻڌڻ وارن جا ٻاڳ ڪلي پوندا آهن، اِنْ شَآءَالله اُنهن جون قبرون اَندر کان جڳمڳ جڳمڳ ڪري رهيون هونديون ۾ انهن کي ڪنهن قسم جو خوف محسوس نہ ٿيندو. اچو! ترغيب لاءِ ”مسجد درس“ جي هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا، جيئن

## مدني بهار

تعلقو ڀلوال (پنجاب، پاڪستان) جو رهائشي هڪ اسلامي ڀاءُ **مسجد درس** ۾ شريڪ ٿيو، جنهن جي برڪت سان **هفتيوار اجتماع** ۾ **شرڪت جو** ذهن ٺهيو، سُنتن ڀري اجتماع ۾ مبلغ دعوتِ اسلامي جو بيان پوءِ ذِڪرُ الله ۽ آخر ۾ رقت انگيز دعا تہ ان جي دل جي دنيا ئي بدلي ڇڏي. اَلحَمدُ لِلّٰه ! ان سچي دل سان توبہ ڪئي ۽ سُنّتن ڀري زندگي گذارڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي پاڪيزه ماحول سان وابستہ ٿي ويو.

ہے تجھ سے دعا ربِّ اکبر! مقبول ہو”فیضانِ سنت“ مسجد مسجد گھر گھر پڑھ کر،اسلامی بھائی سناتا رہے

(وسائلِ بخشش مُرمَّم،ص۴۷۵)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## علم و حڪمت ڀريا موتي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسان حضرت امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي نصيحتن بابت ٻڌي رهيا هئاسين. اچو! حضرت امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي علم و حڪمت سان لبريز وڌيڪ **ڪجهہ نصيحتون** ٻڌون ٿا:

حضرتِ سيدُنا امام مالڪ بن انس رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بيان ڪن ٿا تہ حضرتِ سيدُنا سُفيان ثوري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه حضرتِ سيدُنا امام جعفرصادق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن کي عرض ڪيو: مان ان وقت تائين نہ اٿندس جيستائين اوهان مون کي ڪا نصيحت نہ ڪيو. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن فرمايو: اي سُفيان! مان اوهان سان گفتگو ڪيان ٿو پر گهٽي گفتگو اوهان جي لاءِ سٺي ناهي (ٽي ڳالهيون ياد رکجان ۽ انهن تي عمل ڪجان):

## نعمتن ۾ اضافو:

الله پاڪ توهان کي ڪنهن نعمت سان نوازي ۽ اوهان ان تي هميشگي چاهيو ته ان تي وڌ کان وڌ شڪر ادا ڪريو ڇوته الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو آهي:

لَىٕنْ شَكَرْتُمْ لَاَزِیْدَنَّكُمْ (پ۱۳،ابراهيم:۷)

**ترجمو ڪنز الايمان:** جيڪڏهن شڪر ڪندؤ ته مان توهان کي وڌيڪ ڏيندس .

## رزق ۾ برڪت:

جيڪڏهن توهان کي رزق ۾ تاخير محسوس ٿئي ته اِستِغفَار جي ڪثرت ڪريو ته الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

فَقُلْتُ اسْتَغْفِرُوْا رَبَّكُمْ ؕ اِنَّهٗ كَانَ غَفَّارًا ۙ﴿۱۰﴾ یُّرْسِلِ السَّمَآءَ عَلَیْكُمْ مِّدْرَارًا ۙ﴿۱۱﴾ وَّ یُمْدِدْكُمْ بِاَمْوَالٍ وَّ بَنِیْنَ وَ یَجْعَلْ لَّكُمْ جَنّٰتٍ وَّ یَجْعَلْ لَّكُمْ اَنْهٰرًا ﴿۱۲﴾ (پ۲۹،نوح:۱۰-۱۲)

ترجمهٔ ڪنز الايمان: پوءِ مون(ڪين) چيو ته پنهنجي رب کان معافي گهرو اهو تمام گهڻو معاف فرمائيندڙ آهي. توهان تي وڏڦڙي ۽ تکي بارش موڪليندو آهي. ۽ مال ۽ پٽن سان توهان جي مدد ڪندو ۽ توهان جي واسطي باغ بنائي ڇڏيندو ۽ توهان جي واسطي نهرون بنائيندو.

## ڪشادگي جي چاٻي

**اي سُفيان!** جيڪڏهن ڪنهن بادشاه جي طرفان اوهان کي غم ۽ تڪليف پهچڻ جو انديشو هجي يا ڪا بي پريشاني لاحق هجي ته ”لَاحَوْلَ وَلَاقُوَّةَ اِلَّابِاللّٰه“ جي ڪثرت ڪيو ڇوته اهو ڪشادگي جي چاٻي ۽ **جنت جي خزانن مان هڪ خزانو آهي.**

حضرتِ سيدُنا سفيان ثوري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: ٽي ڳالهيون آهن ۽ ڪيترين سٺيون ڳالهيون آهن. حضرتِ سيدُنا امام جعفرصادق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن فرمايو: ”الله جو قسم! ابوعبدالله انهن کي سمجهي ورتو ۽ الله پاڪ انهن کي هنن مان فائدو پهچائيندو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي گهرجي تہ اسان اللہ پاڪ جو شڪر ادا ڪندا رهون، توبہ ۽ اِستِغفَار بہ ڪندا رهون ۽ ”**لاحول شريف**“ کي بہ وقت بہ وقت پڙهندا رهون. هن جو آسان طريقو اهو بہ آهي تہ جيڪڏهن اسان شجري شريف جا اوراد روزانو پڙهڻ وارا بڻجي وڃون تہ هن ۾ ڪيترن ئي اِستِغفَار جي اوراد جي سعادت ملندي بلڪ ”**لاحول شريف**“ بہ روزانو پڙهڻ جي سعادت ملندي. اللہ پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

## قرآن ٽيچر ايپ جو تعارف

اَلْحَمْدُ لِلّٰه اوهان جي پياري تحريڪ دعوتِ اسلامي سڄي دنيا ۾ تبليغِ دين جي لاءِ 107 کان وڌيڪ شعبن جي ذريعي ڪوشش ڪري رهي آهي. دعوتِ اسلامي جي مجلسِ آئي ٽي ”Quran Teacher“ جي نالي سان موبائل ايپلي ڪيشن لاؤنچ ڪئي آهي. جنهن جي ذريعي اوهان 30 کان وڌيڪ ديني ڪورسز ۾ داخلا وٺڻ سان گڏوگڏ پنهنجي داخلي جو اسٽيٽس بہ چيڪ ڪري سگهو ٿا. وڌيڪ اهو تہ ڪورسن جو مختصر تعارف، پنهنجي رجسٽريشن ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي ڪلاس جي معلومات، ڪورسن بابت تفصيلات ۽ مدرسة المدينہ آن لائن جي اَپ ڊيٽس بہ حاصل ڪري سگهو ٿا. تہ اچ ئي پنهنجي موبائل ۾ اها ايپليڪيشن انسٽال ڪريو ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو.

## رَجَب جا ڪونڊا

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسان حضرت سيدنا امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي باري ۾ ٻڌي رهيا هئاسين. هن ئي مهيني ۾ سندن جو يومِ عرس بہ آهي. سندن عرس جي مناسبت سان ڪيئي عاشقانِ رسول حضرت سيدُنا امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ايصالِ ثواب جي لاءِ کيرٽي وغيره تي فاتحہ خواني ڪندا آهن جن کي **ڪونڊا** چيو ويندو آهي.

اميراهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي رسالي ”**ڪفن جي واپسي**“ صفحي 15 تي فرمائن ٿا: اهڙي طرح ڏهہ بيبين جي ڪهاڻي، ”ڪاٺير جي ڪهاڻي“ ۽ جنابِ سيده واري ڪهاڻي سڀ مَن گهڙت قِصا آهن انهن کي نہ پڙهيو وڃي، هن جي

بدران ياسين شريف پڙهي ونو تہ جيئن ڏهن قرآنن جو ثواب ملي، هي ياد رهي تہ ڪونڊي ۾ ئي کيرڻي ڪارائڻ ضروري ناهي، بين ٿانوَن ۾ بہ ڪائي ۽ ڪارائي سگهو ٿا اِيصالِ ثواب (يعني ثواب پهچائڻ)، قرآنِ ڪريم ۽ اَحاديثِ مُبارَڪ مان ثابت آهي، ايصالِ ثواب دعا جي ذريعي بہ ڪري سگهجي ٿو ۽ ڪاڌو وغيره پچائي ان تي فاتحہ بہ ڏياري سگهجي ٿي. ڪوندن جي نياز بہ اِيصالِ ثواب ئي جي هڪ صُورت آهي، هن کي ناجائز چوڻ، شريعت تي اِفتِرا (يعني تهمت لڳائڻ) آهي.

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي بہ هن مهيني ۾ پنهنجي بزرگن، پنهنجي خاندان جي مرحومين ۽ سڄي **اُمت جي لاءِ ايصالِ ثواب** ڪرڻ گهرجي. الله پاڪ عمل جي توفيق عطا فرمائي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئيءِ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،١/٩٧،حديث:١٧٥)

سینہ تری سُنَّت کا مدینہ بنے آقا جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## "گهر ۾ اچڻ وڃڻ جون "سنتون ۽ آداب

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اچو! شيخِ طريقت،اميرِاهلسنّتدَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي "101 **مدني گل**" مان " گهر ۾ اچڻ وڃڻ جون سنتون ۽ آداب" ٻڌون ٿا: ❖ جڏهن گهران ٻاهر نڪرو تہ هي دعا پڙهو: "بِسْمِ اللهِ تَوَكَّلْتُ عَلَى اللهِ لَاحَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا

بِاللّٰهِ“ ترجمو: الله جي نالي سان، مون الله ڪريم تي ڀروسو ڪيو. الله کان سواءِ نہ (گناهن کان بچڻ جي) قوت آهي ۽ نہ (نيڪيون ڪرڻ جي) طاقت آهي. (ابو داود،۴/۴۲۰،حديث:۵۰۹۵) اِنْ شَآءَالله انهيءَ دعا کي پڙهڻ جي برڪت سان سڌي واٽ تي رهندؤ مصيبتن کان حفاظت ٿيندي ۽ الله ڪريم جي مدد شاملِ حال رهندي ❖ گهر ۾ داخل ٿيڻ جي دعا: اَللّٰهُمَّ اِنِّيْٓ اَسْئَلُکَ خَيْرَ الْمَوْلَجِ وَخَيْرَ الْمَخْرَجِ بِسْمِ اللهِ وَلَجْنَا وَبِسْمِ اللهِ خَرَجْنَا وَعَلَى اللهِ رَبِّنَا تَوَكَّلْنَا۔ ترجمو: اي الله! آئون تو کان داخل ٿيڻ ۽ نڪرڻ جي ڀلائي گهران ٿو، الله پاڪ جي نالي سان اسان (گهر۾) داخل ٿياسين ۽ انهي جي نالي سان ٻاهر آياسين ۽ پنهنجي رب ڪريم تي اسان ڀروسو ڪيوسين (ابوداود،۴/۴۲۰،حديث:۵۰۹۶) دعا پڙهڻ کانپوءِ گهر وارن کي سلام ڪري پوءِ بارگاهِ رسالت ۾ سلام عرض ڪري ان کان پوءِ ”سوره اِخلاص“ شريف پڙهي. ان شاءالله روزي ۾ برڪت، ۽ گهريلو جهيڙن جهٽن کان بچاءُ ٿيندو. ❖ جيڪڏهن اهڙي گهر (توڙي جو پنهنجي خالي گهر) ۾ وڃڻ ٿئي جو اُن ۾ ڪو بہ نہ هجي تہ هيئن چئو: اَلسَّلَامُ عَلَيْنَا وَعَلٰى عِبَادِ اللهِ الصّٰلِحِيْن (يعني اسان تي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي نيڪ ٻانهن تي سلام) ملائڪ انهيءَ سلام جو جواب ڏيندا. (ردالمحتار ج 9 ص 682) يا هن ريت چوي: اَلسَّلَامُ عَلَيْکَ اَيُّـهَاالنَّبِيُّ (يعني يا نبي توهان تي سلام) ڇوتہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو روح مبارڪ مسلمانن جي گهرن ۾ تشريف فرما هوندو آهي. (بهارِشريعت،حصّه۱۶ ص۹۶،شرح الشّفاء للقاري،۲/۱۱۸) ❖ جڏهن ڪنهن جي گهر ۾ داخل ٿيڻ چاهيو تہ هيئن چئو: اَلسَّلَامُ عَلَيْکُم ڇا مان اندر اچي سگهان ٿو؟ ❖ جيڪڏهن داخل ٿيڻ جي اجازت نہ ملي تہ خوشي سان موٽي وڃو، ٿي سگهي ٿو ڪنهن مجبوري جي ڪري گهر جي مالڪ اجازت نہ ڏني هجي ❖ جڏهن ڪو توهان جي گهر جو دروازو کڙڪائي تہ سنت اها آهي تہ پڇو: ڪير آهي؟ ٻاهران واري کي گهرجي تہ پنهنجو نالو ٻڌائي؛ مثال طور چوي: ”محمد الياس“ نالو ٻڌائڻ جي بدران انهيءَ موقعي تي ”مدينہ!“ ”آئون آهيان!“ ”دروازو کوليو“ وغيره چوڻ سنّت ناهي ❖ جواب ۾ نالو ٻڌائڻ کان پوءِ دروازي کان هٽي بيهو تہ جيئن دروازو کلندي ئي گهر ۾ نظر نہ پوي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مکتبة المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهار شريعت“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب“سنتين ۽ آداب” هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## ايندڙ هفتيوار اجتماع جي بيان جون جهلڪيون

**پيارا اسلامي ڀائرو!** اِنْ شَآءَاللّٰه! آئنده هفتيوار اِجتماع جو موضوع هوندو: **”انڌيري قبر“** جنهن ۾ اسان قبر ۾ پيش ايندڙ معاملن بابت ٻڌنداسين. لهٰذا! آئنده **جمعرات** به اجتماع ۾ حاضري جي نيت ڪريو، نه صرف پاڻ اچڻ جي بلڪ **اِنفرادي ڪوشش** ڪري ٻين کي به گڏ آڻڻ جي نيت ڪريو ۽ هٿ کڻي زور سان چئو: اِنْ شَآءَاللّٰه

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا.[2]

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[3]

---

1...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا
2...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65
3...القول البديع، الباب الثانى، ص277،

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِیْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کَن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا ھن دُرُود شريف کي ھڪ ڀيرو پڙھڻ سان ڇھ لک دُرُودشريف پڙھڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آھي.[1]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

ھڪ ڏينھن ھڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنھنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُ جي وچ ۾ ويھاريو، انھيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اھڙي مرتبي وارو شخص ڪير آھي جڏھن اھو ھليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: ھو جڏھن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙھندو آھي تہ ھيئن پڙھندو آھي.[2]

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آھي : جيڪو شخص ھي درود پاڪ پڙھي ان جي لاءِ منھنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آھي.[3]

---

[1] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[2] ...القول البديع، الباب الاول، ص125

[3] ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُما کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## (2) ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

1... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305